# نوٽ.

سنڌ جي جهوني تواريخ جي کوجنا ختم ڪا ٿي آهي، جنهنڪري سنڌ جي جهوني اِتهاس بابت ڪي بلڪل ٿورا ڪتاب ڇپيل آهن. جڏهين پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي پنهنجو لکيل ڪتاب "ميراٿي سنڌڙي" مونکي ڏيکاريو تڏهين خيال ٿيم ته اهڙو ڪتاب ڪوڙيمل ساهت منڊل پاران ضرور پڌرو ڪرڻ گهرجي. پر سنڌ ۾ ڪتابن جي ڪاپي جو حال مونکي ساريو پيو آهي، سو دل ٻي هنيم، پر ڪن سڄڻن کان ڪجهه مدد جو آسرو مليو تڏهين ڇپائڻ جو آرنڀ ڪيم.

پروفيسر ملڪاڻي هيءُ ڪتاب ڪيترن اَنگريزي ڪتابن جي آڌار تي تمام گهڻي محنت ڪري سهڻيءَ سنڌيءَ ۾ لکي سچ پچ سنڌي ساهتيه جي وڏي شيوا ڪئي آهي. سنڌواسين کي سنڌس ممنون ٿيڻ گهرجي جو هن صاحب وقت بوقت عمدا ڪتاب لکي بنا ڪنهن اُجوري جي ڇپائڻ لاءِ ٻي ڏنا آهن.

منڊل جي پاران گهڻي قدر شڪرگذار آهيان پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻيءَ، ۽ پڻ مسٽر پرمانند ميوارام جو، جنهن صاحب تڪليف وٺي سڄو ڪتاب نظر مان ڪڍيو ۽ پروف ڏنا، ۽ اُنهن سڄڻن جو به، جن ڪتاب جي ڇپائڻ لاءِ پئسي جي ساهتا ڪئي آهي.

حيدرآباد سنڌ،
۲۰ آگسٽ ۱۹۳٦ع.

**هري سندر روپچند،**
سيڪريٽري،
**ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل.**

# فهرست

Lieut. R. F. Burtan—
"Sind"

ليفٽيننٽ - آر- اين - برٽن
جي سنڌ تي لکيل ڪتاب
تان ورتل:


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| سنڌ مان فائدا | ١ |
| ڪراچي | ٢ |
| سنڌ ۾ انگريز | ٣ |
| واهن تي آبادي | ٧ |
| ڍلن جو سرشتو | ٩ |
| سنڌي ٻولي | ٢٠ |
| مسلمانن جي تعليم | ٢٤ |
| سنڌي تهذيب | ٣١ |
| شراب نوشي | ٣٥ |
| گناه | ٣٦ |
| بروچ | ٣٩ |
| شيدي غلام | ٤٤ |
| عامل | ٤٦ |


Seth Naoomal Hotchand's
"Memories."

سيٺ نائومل هوتچند جي
ڪتاب تان ورتل


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ڪراچيءَ جو بنياد | ٥٢ |
| ذڪر | ٥٥ |
| مذهبي تعصب | ٧٤ |
| صدر بزار ۾ دڪان | ٦١ |
| عربي سنڌي اکر | ٦٥ |


Dr. J. Burn's "Visit to
the Court of Siud."

ڊاڪٽر جي - برنس جي
ڪتاب تان ورتل


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| ميراڻي دربار | ٦٧ |
| مذهبي تعصب | ٥٦ |
| اميرن جا خيال | ٨٠ |
| اميرن جي رهڻي | ٨٤ |
| فوجي طاقت | ٩١ |

حاڪم اهڙا لوپي ۽ قورؤ جو اِنصاف چڏي جيترو وٹندو هون اوترو چڪيندا هئا..." (١٧٦) تڪليفن ڪري سنڌ جي واپارين درياهه ڇڏي خشڪيءَ جا رستا ورتا. "مال جي روانگيءَ تي سنڌ اندر ڪن مقرر جڳهين تي 'محصول راهداري' پرٹو پيو تي، ۽ واپار تي اِهو محصول ايڏي چٽي هو جو وڏا واپاري خاص سنڌون وٽي محصول معاف نہ ڪرائيين ها تہ هؤند واپار ئي بند تي وڃي ها". (١٧٥) "خشڪيءَ رستي اميرن جون چٽيون ٺارڻ لاءِ ڪيترو واپار سنڌ مان تهي بلوچستان جا جابلو پيچرا وٺي، وات تي قورؤ قومن جا جوکا برسر ڪري اتر- اولهہ جي ملڪن ۾ وڃي پهچندو هو." (١٨٨) "سچو ملڪ غريب آهي، ۽ ملڪ جا حاڪم نهايت پڪا آهن. تنهنڪري پرگٹي جو واپار بہ انهيءَ موافق آهي." (١٨٦) اميرن جي ڪل آمدني اٽڪل ٣٥ لک هئي، ۽ سندن گهر جو خرچ خسيس هو. پر سنڌ سرڪار ۽ ڀل بستيءَ جو سرشتو "خود غرضيءَ، طمع ۽ ڪوتاه انديشيءَ جي نيتيءَ تي بڌل هو. خزانو گڏ ڪرڻ، عيش عشرتون ماڻڻ ۽ پنهنجن سردارن ۽ سندن راڄن کي خوش ڪرڻ (جي ملڪ جا سچا والي هئا) فقط اينروئي اميرن کي اِنتظار هو..." (١٧٩).

وٺو سنڌ جي ماڻهن جي حالت. پرگٹي اندر خراب ۾ خراب زمينون، يعني "واهن جي پڇڙين وٽ، سنڌين

وهمن ڪري ٻ ڄراڄي ڇريءَ جي استعمال جي منع ڪيل آهي، تنهنڪري اُستاد توڙي شاگرد ٻئي هڪ جهڙا اَڻ ڄاڻ هوندا آهن. سنڌ ڇا، پر ساري مشرق ۾ عام خلق کي يُوروپي ڄراحن جي قابليت ۾ ڏاڍو ايمان آهي. پر دوائن بابت ائين نه آهي. اسين ماڻهن جي طبيعت، بناوت، خوراڪ ۽ رهڻيءَ جو اهڙو مختصر اڀياس نٿا ڪريون، جو بين فائدن تيندي ٻه طبابت ۾ اسانجو قدر نٿا ڪن. معجُونن ۽ ڪڪن بابت اسانجي اڄاڻائيءَ تي ڏاڍي حيرت لڳندي اٿن. مشرق ۾ طبابت تي اهڙو ڪتاب ئي نه ليندو جو گهڻو ڪري سچو انهن تي ئي لکيل نه هوندو، ۽ جنهن بابت ڊاڪٽر ماڻهو مشرق ۾ اتندي وهندي نه ٻيو ٻڌندو.

گهڻو ڪري سفيد پوش جي زال ويم ۾ مرڻ کي مري ويندي پر حڪيم جو منهن نه ڏسندي. ويم فقط دايُون ڪرائين. تنهنجو اِهو جو ذري ٻه تڪليف تي نه زال ضرور مٿي. تنهن حالت ۾ غريبن کي خيرات ڏيئي، ڪجهه پڙهي زال جي سٿر ۾ هڪ تعويذ ٻڌي ڇڏيندا آهن. جي مٿي تہ ڪنهن جن ڀوت ماري ۽ اُنکي گارگند ڏيئي دل ٺاريندا.

## (٨) سنڌ ي تهذيب.

هر ڪنهن ملڪ جي آدبي چال مان سندس رهڻي ڪرڻيءَ جي خبر پوي ٿي. مڙساڻي ٻيهڪ ۽ شانائتي هلت وٽبي تہ سنڌي عرب سان مقابلو نہ ڪري سگهندو.

وچي کوسي کندا هئا. پر انهيءَ ۾ جوکو گهڻو، ڇو جو سڀ وينجهر عملدارن جي اکين ۾ هوندا هئا ۽ انهيءَ ڏوهه لاءِ سزا به سخت هوندي هئي. جهڙا کوڙا دستاويز ناهڻ ۾ تهڙائي بين کمن ۾ عامل چالاڪ هئا. رواجي کيسن ۾ دستاويز لکي، ڪاغذ جيسان چٽي، پٽ تي رکي مٿانئس ميرو ڪتو وچائي، مهر هڻندا هئا، تانجو مس جو چلڪو جهڪو ۽ جهونو تي پوندو هو.

ڏيل ۾ رواجي سنڌين کان عامل وڌيڪ سگها ۽ بت ۾ ناهوڪا لڳن ٿا. کن جا بت ته پهلوانن جهڙا آهن ۽ سنڌن روش اڪثري سوڌا ۽ وڻندڙ آهن. مسلمانن جي زور زبر ڪري مومنن جو لباس ڪٽي اختيار ڪيائون. سنڌي دگهي ٽوپي ۽ جهولدار سٿڻون پاتائون، دگهيون سؤنهاريون رکيائون ۽ مٿي جي فقط چٽي کوڙائيندا هئا، پر سُنتِ موافق مڇُون کين وڌائيندا هئا. بيو ته نرڙ تي تلڪ ڏيڻ ۽ مسلمانن جي اُبتڙ پهراڻن کي ڏائي پاسي بيڙي تا هڻن. اُچين ڪپڙن جا ڏايا شوقين ۽ حقيقت ۾ عام طور ڏيک ويک جا ڪوڏيا ۽ همٿ ڀاڙ آهن. انهيءَ ۾ هندستان جي هندن کان نرالا آهن. سنڌن ڌرمي مڇتا بين لهاڻن جهڙي آهي، ۽ ڪاڏو پيتو به ساڳيو اٿن. پر وڌيڪ تعليم ڪري ۽ ٻئي مذهب جي ماڻهن سان لڙهه وچڙ هئڻ ڪري منجهن ڪيترا دهري (materialists) ٿي پيا آهن.

ورثو آهن. سينئي ۾ مير نصير خان مونکي نهايت خوبصورت گبرو جوان لڳو.

دربار جي رونق ۽ اميرن جي سونهن ۾ ٻنهي موهي ڇڏيم. لباس ۽ چال چلڻ مان سمجهيم ته سڀ حاضر عملدار اعليٰ درجي جا آهن. اڳيان جڳهه ونڻ لاءِ هڪ ٻئي تي ڳاهٽ نٿي ٿيا، ۽ عام خلق ته ٻنهه ڪوٽ جي ٻاهر هئي. چارون طرف خاموشي ۽ سنجيدگي ۽ هر هڪ شخص جي روش ۽ شايستگي ۽ درباري نظاري جي جهلڪ ڏسي آءٌ حيرت ۽ ادب سان ويهي نهارڻ لڳس.

## (٢٠) مذهبي تعصب.

سنبت ١٨٨٨ (١٧٣١-١٨٣٢ع) ۾ ڪنهن واجهي ماستر ڪندي نالي هڪ هندو مزور جي پٽ سان ڪا سختي ڪئي. ڇوڪر رسي گهر ڇڏي وڃي مسجد جي درونت ويٺو، جنهي هاڻ ڏوبين جو پاڙو آهي. ڪي مسلمان ڇوڪر کي ڏسي، ڪيس ريهي ريبي مسجد اندر وني ويا ۽ اتي ڪٽي وهاريائونس. تنهنتي هندن ۾ تاءُ پئدا ٿيو، هٽ تاڙ ڪيائون ۽ مسلمانن سان سؤدا ڪٽي بند ڪيائون. لياڙي نديءَ جي پيٽ ۾ ڪي کوه هئا، جنان هندو پيئڻ جو پاڻي ڀريندا هئا. وير پاڙڻ لاءِ مسلمانن وڃي اهي کوهَ پليت ڪيا. ٻئي ڏينهن وري نورلشاهه نالي هڪ سيد بزار مان ٿي اسانجي محلي وٽان ڪچ مٽيندو لنگهيو. منهنجو نندو ڀاءُ پرسرام اوڏيءَ

هٿيار بند خدمتگار جهڙا ٿورڙا اهڙا ڏسڻ ۾ اچن. قومن جا ڪي سردار هميشه دربار جي سڏ وهيٺا رهندا، ۽ اهي وقت تي تورن ڏينهن اندر پنهنجي رعيت کان ڪيتري ۽ ٻيا ڪم ڪاريون ڇڏائي ڪين سڏي سگهندا آهن. چونڪ ته انهيءَ ريت سرڪار ڇاليهارو هزار ماڻهو گڏ ڪري سگهيتي، جنکي ڪئپٽن سيٽن جي رپورت موجب لڙائيءَ جي ميدان ۾ روز هڪ ٽڪسو ڏيندي آهي؛ پر اُهي پانيان تو ته اها سنڌ س پل هئي، يا ته جهوني زماني جي ڳالهه آهي، ڇاڪاڻ ته پيدل ته سوارن کي ماهوار ٿيهن روپين جو خاصو پگهار مليتو. ڪٽي سمجهجي ته وقتي ساري مسلمان خلق نڪري جنگ جي ميدان ۾ نروار ٿئي. مگر دنيا جي هن ٽڪر ۾ وطن لاءِ حب اڻ لڀ وت آهي. پر ڪو مذهبي مست حرڪت ڪري دين جي نالي باهه ڪٽي ٻاري ته شايد اهو ممڪن آهي.

جيتوڻيڪ اميرن جي ڏاڍاين ڪري ماڻهن جي جهيڙاڪ طبع ڍيل آهي، ۽ ملڪ ۾ صلح سانت ڪري حرڪت نٿا ڪن، تڏهين به هي رهزن تورِي ٻه چيڙ تي يا ڦرلٽ جي لالچ تي هٿيار ڪٽي نڪري ٻوڙ ۾ ويرم ٿي نٿا ڪن. بوڪرو ڳجهن وانگر ٻريان جنگ جي بوءِ پيئي ايندي؛ ذرو قبيلاڙو ڪتي ٿيو ناهي ته چڙ جنگ لاءِ آيا رهيا. بوءِ ڪٽن اکرجيب ۾ اچي ٿا مڙن سو ڏسي عشرت ٿيو وڃي! صوبدار جسو تازو هنگامو

## ٢٧. هندو زالون — ١

يورپ جي يهوداڻين وانگر سنڌ ۾ هندو زالون مردن کان وڌيڪ حسين آهن. سوڌا روش، عمدو ڊول ۽ سهڻي شڪل اٿن. هندستان ۾ ٽئين هٽ به ڪي اُين ڪلهن سان آهن. اڪثري چمڙي سنڌن ڪڻڪ رنگي، صفا، ڳلن ۽ هٿن جي ترين تي ٽڊو گلابي رنگ به ڏسبو آهي. مگر اکيون ته حيرت جهڙيون اٿن؛ چڱي ڪٽي ته روشن ۾ اهو روش اٿن. شايد انهيءَ ڪري ئي سچو بدن پيڪي رڳي ”اَکڙي“ ڪيندڙيون آهن، پر اَفسوس جو سنڌن سونهن توري چٽڪي واري آهي. جنکي ڪاڏي پيتي لاءِ خوب تو ملي ۽ ڪم ۾ هرو پرو گهڻو نتو پوي سي ته جلد مينهن وانگر بوفليون ٿيو پون. سادي خوراڪ، ڪليل هوا، هلڪو پهر ويس (يعني اڇي چادر، ويڪرو چولو، ڍگهو ۽ جهولدار بُونديءَ جو ڳاڙهو پڙو ۽ وقتي سليپرن جو جوڙو) کين ڪئين روڳن ۽ اهنجن کان بچائي ٿا ونن.

هندو زالون نه رڳو مسلمان زالن کان وڌيڪ پڙهيل پر عيش عشرت جون به اهڙيون ڪوڏيون نه آهن. گهڻا پهري زال ذات جو نهرو ڪري من هر يندڙ آهن. ڪن ۾ ڳين، نڪ ۾ نت بولو، ڪرائيءَ ۾ ڪنگڻ، آڱرين ۾ مڇيون، ويڙهه، مڙن ۾ پازيب، پيرن ۾ بنڊڙا ...... ڳچيءَ جي هارن ۽ ٻانهن جي اِڇن يا رنگين چوُڙين جو ته ڪا تو ئي ڪونهي.

اهو مان هن ڪري ٿو چوان جو ڪن مئجسٽريٽن جو دستور آهي ته رايو ڏيئي سزا ٿا ڏين، ۽ ڪن جو دستور آهي ته رڳو شاهدي وٺي راءِ بنا ڪاغذ ٿا پيش ڪن؛ پوءِ سزا ڏين يا نه، گورنر ته ڪنهن به صورت ۾ پاڻ ڪي بدل نٿو سمجهي.

منهنجي اچڻ کان جلد ئي پوءِ فوجداري ڪار گذاري لاءِ هڪ نئين ۽ قانون نامو ناهي پيش ڪيم. ڪٿي سمجهجي ته اهو قانون نامو نهايت عمدو نه ٿيل هو، پر هاڻي جو قاعدي جي انحرافي پيئي ٿئي ۽ بي ضابطگي پيئي هلي، تنهنڪان هڪ قسم جا رول جي سيني سان سا ڳيءَ ريت لاڳو ٿين، سي بهتر ٿيندا.

## هارين جي خوراڪ.

ڦٽڏين کي هتي (ميهڙ ۾) روز هڪ سير جوئر جو ملندو آهي. تنهن مان ڪڏهين لب پري ڏروائي واٽئي کي ڏيندا آهن، جنهنلاءِ لوڻ چيٽي ڏيندو اٿن. ڪائيون ته جهنگ مان پاڻيهي وٺي اچن. سو هر هڪ ڦٽڏيءَ مٿان خرچ هڪ سير جوئر ۽ ٻهڙ جي چڪيءَ جي گاس.

سنڌي هاريءَ جو رواجي کاڌو جوئر آهي. جوئر جو سير ٻئي ڪنهن به اَن جي سير کان وڌيڪ پسند ٿا ڪن. منجهند جو جوئر جو روٽلو تنهنسان بصر ڳنڍي ۽ ڏهه ڌرو خاصي خوراڪ سمجهيو آهي، پر سانجهيءَ جو

# رتن

سنڌ جو هڪ ئي سندر
۽
سستو ماهوار رسالو

هر مهيني منوهر آدرشي، عمدين ۽
اثرائتين آکاڻين، دل ڇڪيندڙ ناٽڪن،
سندر تصويرن ۽ دلچسپ شعرن سان
نڪرندڙ. سال شروع سپٽمبر کان.
گراهڪن کي سوا ٻه سؤ صفحن جو پيٽ
جو پستڪ ۽ ساليانو نمبر مفت.

ساليانو چندو فقط ٻه روپيا.

اڄ ئي گهرايو —

مئنيجر "رتن" ڪراچي.

Printed by Tahilram Lokumal Punwani,
at the National (Electric) Printing Works, Hyderabad Sind,
and published by Harisundar Rupchand for
"Kouromal Sindhi Sahit Mandal", Hyderabad Sind.

## گهر گهر ۾ هئڻ گهرجن

### رتن ساهتيه منڊل جا باتصوير ڪتاب

| | |
|---|---|
| املهه موتي | ٠-٨-٠ |
| لالڙيون | ٠-٨-٠ |
| لال رتن | ٠-٦-٠ |
| نو رتن | ٠-٦-٠ |
| اتهاس جا پردا (ناٽڪ) | ٠-٤-٠ |
| پاءِ پيڙ يا پتي پتني؟ | ٠-٢-٠ |

## ”طوفاني رنگ“

ٽئگور جي بي نظير ناول- گهرو جيوت جو هو بهو فوٽو- قدرت جي ڪارنامن مان مان هڪ سچو چٽر- طوفان جو قهر! هڪ ڏارين استري نوجوان وڪيل جي اڳيان پتنيءَ جي روپ ۾ اُچلي تو وڃي. استري بي خبر آهي. نوجوان جي دل بڻي هند اڙيل آهي. هڪ عجيب غريب مسئلو- پڙهي حيران ٿيندا. پنج ڀاڱا گڏ ادائي روپيه. جدا ٣ ڀاڱا هرهڪ ٨ آنه. پويان ٢ هرهڪ ١٢ آنه.

لکو:- مئنيجر ”رتن“ ڪراچي.

رتن ساهتيه منڊل جا ڪتاب ملي سگهندا:

ڪوڙومل سنڌي ساهت منڊل، ڪاهي رستو، حيدرآباد.

